ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ○ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ لَا

ئي اِهو الله جي نشانين مان آهي ته مانَ نصيحت قبول ڪن. اي اولاد آدم جا م

يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا

فتني ۾ نه وجهي اوهان کي شيطان جيئن ڪڍيائين ماءُ پيءُ اوهان جي کي بهشت مان لاٿائين انهن کان

لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ۭ اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ

لباس انهن جو ته ڏيکاريائين انهن کي انهن جا ستر. تحقيق ڏسي ٿو اوهان کي ابليس ۽ لشڪر انهيءَ جو جتان

لَا تَرَوْنَهُمْ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ○

نه ڏسو ٿا انهن کي. تحقيق ڪيو اسان شيطانن کي دوست ڪافرن جو جي نه ٿا مڃن

وَاِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً قَالُوْا وَجَدْنَا عَلَيْهَآ اٰبَاۗءَنَا وَاللّٰهُ

۽ جڏهن ڪن ڪبيرو گناهه چون ٿا ته ڏٺوسون ان تي ماءُ پيءُ پنهنجي کي ۽ خدا اسان کي

اَمَرَنَا بِهَا ۭ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَاۗءِ ۭ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَي

امر ڪيو آهي. چئو تحقيق خدا نٿو امر ڪري گناهه جو. ڇو ٿا چئو ڪوڙ مٿي

اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ○ قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ ۣ وَاَقِيْمُوْا

خدا جي جي نٿا ڄاڻو. چئو امر ڪيو آهي مونکي رب منهنجي عدل جو ۽ قائم ڪريو

وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ڛ

جسن پنهنجن جو وقت سڀڪنهن نماز ۽ دعا گهرو خدا کان خالص ڪريو ان لاءِ دين پنهنجو

كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ○ فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ

جيئن پيدا ڪيائين اوهان کي اول ائين موٽي ويندا. جماعتن کي هدايت ڪيائين ۽ ٻي جماعت لاءِ ثابت ٿي

الضَّلٰلَةُ ۭ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

انهيءَ گمراهي تحقيق انهن ورتو شيطانن کي دوست سواءِ خدا جي

وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ○ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ

۽ ڀانئين ٿا ته اسين سڌا آهيون ○ اي اولاد آدم جا وٺو موچارو لباس پنهنجو

عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا

وقت سينگار نمازن ۾ طواف ۾ ۽ کائو ۽ پيئو ۽ اسراف نه ڪريو تحقيق خدا نه پسند ڪري

يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ○ قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ

اسراف ڪندڙن کي ۔ چئو ڪنهن حرام ڪئي آهي طواف ۾ زينت ڏنل خدا جي جا پيدا ڪيائين

لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ ۭ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي

ٻانهن لاءِ ۽ حلال ۽ موچارا رزق ۔ چئو ته اهي واسطي مؤمنن جي آهن

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ

حياتي دنيا جي خالص آهن ان لاءِ انهن جي ڏينهن قيامت جي ۔ اهڙي طرح ظاهر ڪريون ٿا آيتون

الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ○ قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ

معجزا واسطي قوم عالمن جي ۔ چئو ته حرام ڪئي رب منهنجي مگر ڪبيرا گناه

مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ

جيڪي ظاهر آهن انهن مان ۽ جيڪي لڪل آهن ۽ صغيرا گناه ۽ ظلم ڪرڻ ضعيف تي ناحق ۽

تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى

شريڪ ڪرڻ ساڻ خدا جي جنهن تي نه نازل ڪئي ڪا دليل ۽ حرام ڳالهه چوڻ ڪوڙ

اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ○ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَاۗءَ اَجَلُهُمْ

خدا تي جو نه ڄاڻو ۔ سڀڪنهن مخلوق لاءِ مدت عمر جي مقدر آهي پوءِ جڏهن ايندي

لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ○ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ

نهايت عمر انهن جي ته نه پوئتي ٿيندا گهڙي ۽ نه اڳتي ٿيندا ۔ اي اولاد آدم جا

اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ

جيڪي ايندا اوهان وٽ رسول اوهان مان ٻڌائيندا اوهان کي آيتون معجزا منهنجا

فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ○

پوءِ جيڪو ڊڄندو ۽ عمل موچارا ڪندو ته نه آهي خوف انهن تي نه اهي غمگين ٿيندا

وَالَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَاسْتَكْبَرُوا عَنْهَا أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ

۽ جيڪي نه ويسهندا معجزا اسان جا ۽ هٺ ڪندا اُن کان اُهي ئي آهن صحاب

النَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ○ فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ

دوزخ جا اُهي ئي اُن ۾ هميشه هوندا   پوءِ ناهِ ڪو ظالم وڌيڪ اُن کان جو ٻڌي خدا تي

كَذِبًا أَوْ كَذَّبَ بِآيَاتِهِ ۚ أُولَٰئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيبُهُمْ مِنَ الْكِتَابِ

ڪوڙ جيڪي نه ويسهن معجزن کي   رسندو اُنکي حصو اُنجو ڪتاب ۾ رزق ۽ عمر

حَتَّىٰ إِذَا جَاءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ قَالُوا أَيْنَ مَا كُنْتُمْ

تان جڏهن ايندا اُنکي ملڪ موت جا ماريندا اُنکي چوندا اُته   ڪن جي

تَدْعُونَ مِنْ دُونِ اللَّهِ ۖ قَالُوا ضَلُّوا عَنَّا وَشَهِدُوا عَلَىٰ

عبادت ٿي ڪيان سواءِ خدا جي چوندا ته لڪي ويا اسان کان ۽ شاهدي ڏيندا

أَنْفُسِهِمْ أَنَّهُمْ كَانُوا كَافِرِينَ ○ قَالَ ادْخُلُوا فِي أُمَمٍ قَدْ

نفس انجا ته هوا سون ڪوڙا   چوندو خدا داخل ٿيو منجهه جماعت

خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ مِنَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ فِي النَّارِ ۖ كُلَّمَا دَخَلَتْ

لنگهيل مهندي   جنن   ۽ ماڻهن جي دوزخ ۾ جڏهن داخل ٿيندي

أُمَّةٌ لَعَنَتْ أُخْتَهَا ۖ حَتَّىٰ إِذَا ادَّارَكُوا فِيهَا جَمِيعًا قَالَتْ

ڪا جماعت جيري ٻئين لعنت ڪندي مهندي جماعت کي تان جڏهن داخل ٿيندا دوزخ ۾ ڪانه سڀيئي چوندا

أُخْرَاهُمْ لِأُولَاهُمْ رَبَّنَا هَٰؤُلَاءِ أَضَلُّونَا فَآتِهِمْ عَذَابًا


پوئيان نالي پهرين جي ته ربا اساهجا هن مهندين گمراه ڪيو اسانکي پوءِ ڏي تنهين انکي عذاب

ضِعْفًا مِنَ النَّارِ ۖ قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَلَٰكِنْ لَا تَعْلَمُونَ ○

زياده دوزخ ۾   چوندو خدا سڀن کي زيادتي آهه عذاب جي پر اڃا نٿا ڄاڻو

وَقَالَتْ أُولَاهُمْ لِأُخْرَاهُمْ فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ

۽ چوندا پهريان   پوئين کي ناهه اوهان لاءِ   اسان تي ڪا زيادتي جو ڪي جي



فَذُوقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُونَ ○ إِنَّ الَّذِينَ كَذَّبُوا

پوءِ چکو عذاب کي سبب عملن انجي ۽ تحقيق بيشڪ جن نه ويسهيا

بِآيَاتِنَا وَاسْتَكْبَرُوا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ أَبْوَابُ السَّمَاءِ وَلَا

آيتن اسان جي کي ۽ هٺ ڪيائون ان کان نه ٻليا انن لاءِ در آسمان جا ۽ نه

يَدْخُلُونَ الْجَنَّةَ حَتَّىٰ يَلِجَ الْجَمَلُ فِي سَمِّ الْخِيَاطِ ۚ وَكَذَٰلِكَ

داخل ٿيندا جنت ۾ تان جو داخل ٿئي اٺ منجهه ناڪي سوئي جي ۽ مثل انهي

نَجْزِي الْمُجْرِمِينَ ○ لَهُمْ مِنْ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَمِنْ فَوْقِهِمْ

جزا ڏيندا آهيون گنهگارن کي انن لاءِ دوزخ جا وڇاڻا هوندا جن جي مٿان پوشش

غَوَاشٍ ۚ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي الظَّالِمِينَ ○ وَالَّذِينَ آمَنُوا وَ

اهڙي تره جزا ڏيون ٿا ظالمن کي ۽ بيشڪ جن ايمان آندو ۽

عَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا أُولَٰئِكَ

عمل ڪيائون چڱا نه تڪليف ڏيون ٿا ڪنهن کي مگر قدرت موجب انجي

أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ○ وَنَزَعْنَا مَا فِي صُدُورِهِمْ

اهي آهن صاحب بهشت جا منجهس هميشه هوندا ۽ ڪڍنداسون جيڪي هوندو دلين ۾

مِنْ غِلٍّ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهِمُ الْأَنْهَارُ ۖ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلَّهِ

انجي حسد دنيا ۾ جاري ٿينديون هيٺان ماڙين انجي نهرون ۽ چوندا شڪر آهه خدا جو

الَّذِي هَدَانَا لِهَٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْلَا أَنْ هَدَانَا

جنهن هدايت ڪئي اسان کي هن بهشت ۽ هوندا نه رسون بهشت ۾ جي نه رسائي اسان کي

اللَّهُ ۖ لَقَدْ جَاءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۖ وَنُودُوا أَنْ تِلْكُمُ

خدا تحقيق آيا رسول رب جا سچا ۽ سڏ ڪيو ويندو انکي ته اها

الْجَنَّةُ أُورِثْتُمُوهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ○ وَنَادَىٰ أَصْحَابُ

بهشت آهه ڏنو ٿو سون انکي سبب عملن انجي ۽ سڏ ڪندا اهل

الْجَنَّةِ أَصْحٰبَ النَّارِ أَنْ قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا

جنّت جا اهل دوزخين کي تہ تحقيق ڏٺاسون جو وعدو رب اسان جو

حَقًّا فَهَلْ وَجَدْتُّمْ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمْ حَقًّا ۗ قَالُوْا نَعَمْ ۚ فَأَذَّنَ

سچو پوءِ ڪي ڏٺو اوهان وعدو رب جو سچو چوندا ها پوءِ سڏيندو

مُؤَذِّنٌۢ بَيْنَهُمْ أَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ۝ الَّذِيْنَ

ملڪ انهن ۾ تہ لعنت خدا جي آهي مٿي ڪافرن جي

يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَهُمْ

جهليندا هئا ماڻهن کي ڪناواٽ خدا جي ۽ چاهيندا هئا ان واٽ کي ڏنگي ۽ اهي

بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ۝ وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى الْأَعْرَافِ

آخرت کي نہ ويساهين ۽ وچ دوزخ ۽ بهشت جي حجاب آهي ۽ مٿي اعراف ٥

رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّا بِسِيْمٰهُمْ ۚ وَنَادَوْا أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ

مڙس هوندا جي سڃاڻن ڪافرن ۽ مسلمانن کي ساڻ پيشاني جي نشاني ۽ ڪاراڻي ۽ سڏيندا

أَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ ۝ وَإِذَا

تہ سلام هجي اوهان تي اڃا نہ داخل ٿيا بهشت ۾ ۽ اهي طمع ڪن بهشت جي ۽ جڏهن

صُرِفَتْ أَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ أَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا

ڦيرائيندا اهل اعراف جا اکيون پاڻ جون طرف دوزخين جي چوندا اي رب اسان جا مڪر

مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ۝ وَنَادٰٓى أَصْحٰبُ الْأَعْرَافِ رِجَالًا

اسان کي ساڻ قوم ظالمن جي ۽ سڏيندا صاحب اعراف جا ڪافرن کي

يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ قَالُوْا مَآ أَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ

سڃاڻي ساڻ پيشانين هن چوندا تہ ڪم نہ آيو اوهان جي اڪٺ ۽ اولاد آهي ۽ جو

تَسْتَكْبِرُوْنَ ۝ أَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ أَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ

ڪرندا هئا ڇا هي مؤمن سي آهن تہ قسم ٿي کيو دنيا ۾ تہ نہ رسائيندو انهن کي



ادْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمْ وَلَا أَنتُمْ تَحْزَنُونَ ۝ وَ

چوندو ته خدا انکي تہ داخل ٿيو بهشتن ۾ نه اوهان کي خوف آهي ۽ نه غمگين ٿيندؤ

نَادَىٰ أَصْحَابُ النَّارِ أَصْحَابَ الْجَنَّةِ أَنْ أَفِيضُوا عَلَيْنَا مِنَ

۽ سڏ ڪندا اهل دوزخ جا بهشتين کي ته موڪليو اسان تي

الْمَاءِ أَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللَّهُ ۚ قَالُوا إِنَّ اللَّهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى

پاڻي جيڪي طعام جو ڏنو انکي خدا چوندا ته الله حرام ڪيو آهي پاڻي ۽ ان بهشت جو

الْكَافِرِينَ ۝ الَّذِينَ اتَّخَذُوا دِينَهُمْ لَهْوًا وَلَعِبًا وَغَرَّتْهُمُ

ڪافرن تي   جن ورتو دين پنهنجو راند ۽ غفلت ڪري ۽ ٺڳيو انکي

الْحَيَاةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ نَنسَاهُمْ كَمَا نَسُوا لِقَاءَ يَوْمِهِمْ هَٰذَا

لذتن دنيا جي   پوءِ منجهه ڏينهن نيامت جي وسار ينداسون انکي جيئن وساريائون ڏسڻ ڏينهن

وَمَا كَانُوا بِآيَاتِنَا يَجْحَدُونَ ۝ وَلَقَدْ جِئْنَاهُم بِكِتَابٍ

قيامت جو سبب ته هئا آيتون اسان جيون منڪر ۽ تحقيق اندو سون انڏانهن قرآن

فَصَّلْنَاهُ عَلَىٰ عِلْمٍ هُدًى وَرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ۝ هَلْ

جنهن کي سون جهلي ساڻ يقين جو هدايت ۽ رحمت آهي مومنن لاءِ   نٿا

يَنظُرُونَ إِلَّا تَأْوِيلَهُ ۚ يَوْمَ يَأْتِي تَأْوِيلُهُ يَقُولُ الَّذِينَ نَسُوهُ

منتظر ٿين ڪافر مگر عذاب کي جنهن ڏينهن ايندين عقوبت انڏانهن چوندا اهي جن ڇڏي

مِن قَبْلُ قَدْ جَاءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ فَهَل لَّنَا مِن شُفَعَاءَ

قرآن کي اڳي تحقيق آيا رسول ربّ جا سچا   پوءِ ناهي اسان لاءِ ڪو ڇڏائيندڙ

فَيَشْفَعُوا لَنَا أَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِي كُنَّا نَعْمَلُ ۚ قَدْ

پوءِ جيڏائي اسان کي جيئن موٽائيندا اسان کي ته ڪريون چڱا ڪم   تحقيق

خَسِرُوا أَنفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَفْتَرُونَ ۝ إِنَّ

جيڪي پاڻ کي نقصان ۾ وڌائون ۽ غائب ٿيندا اُن کان سڀ جي ٺاهيندا هئا   تحقيق



رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ

ربُ اوهان جو الله آهي جنهن خلقيو آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾

ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا

پوءِ برابر ٿيو مٿي عرش ڍڪائي رات ڏينهن کي طلب ڪري رات ڏينهن کي

وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ ؕ اَلَا لَهُ الْخَلْقُ

۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا مطيع آهن حڪم امر خدا جي هو مملوڪ آهي

وَالْاَمْرُ ؕ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا

ساڻ وڏي برڪت آهي الله جو مالڪ جهانن جو دعا گهرو رب کان ساڻ نياز

وَّخُفْيَةً ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ۝ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي

۽ ڳجهي تحقيق الله محب ڪري حد لنگهيندڙن کي دعا ۾ ۽ فساد نه ڪريو منجهه

الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ؕ اِنَّ

زمين پڇاڻان صالح ٿيڻ زمين جي ۽ دعا گهرو الله کان ڊڄي ۽ اميد ڪري تحقيق

رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝ وَهُوَ الَّذِيْ يُرْسِلُ

رحمت خدا جي اوڏي آهي ڪنا نيڪن ۽ الله سو آهي جو موڪلي

الرِّيٰحَ بُشْرًۢا بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ؕ حَتّٰٓى اِذَآ اَقَلَّتْ سَحَابًا

وائن کي جي بشارت ڏين مينهن مينهن جي تانجان کڻن وائن ڪڪرن پر تلن

ثِقَالًا سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ

ڳرن کي ڪاهيون انکي طرف زمين مئل پوءِ نازل ڪريون ساڻ ڪڪرن پاڻي پوءِ پيدا

مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝

سڀ ميوا ائين اٿاريندا سون مئلن کي ته من نصيحت قبول ڪريو

وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِيْ

۽ زمين سٺي ڪڍي اوڀر پنهنجا ساڻ امر خدا جي ۽ زمين

خَبُثَ لَا يَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا ؕ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ

ڪاري ٿي نه ٿي ڪڍي مگر ٿورو. مثل انهيءَ جي ٿا ڦيرايون آيتون (معجزا) واسطي

يَّشْكُرُوْنَ ۝ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ

شڪر ڪندڙن جي. تحقيق موڪليوسون نوح طرف قوم سندس جي پوءِ چيائين اي قوم

اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ

منهنجي عبادت ڪريو الله جي ناهي اوهان جو ڪو الله سواءِ ان جي تحقيق آءٌ ڊڄان ٿو

عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ

عذاب ڏينهن وڏي جي کان. چيو جماعت قوم سندس جي تحقيق اسين ڏسون ٿا توکي

ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ

گمراهي پڌري ۾. چيائين اي قوم ناهي مون ۾ ڪا گمراهي پر آءٌ موڪليل آهيان

مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ

کان پالڻهار جهانن جي. آءٌ پهچايان ٿو اوهان کي پيغام رب منهنجي جا ۽ نصيحت ڪريان ٿو اوهان کي

وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝ اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ

۽ ڄاڻان ٿو کان خدا جي اهو جو نه ٿا ڄاڻو. ڇا عجب ڪيو اٿو ته آيو اوهان وٽ پيغام

مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ

کان رب اوهان جي مٿي زبان ماڻهوءَ جي جو اوهان مان آهي ته ڊيڄاري اوهان کي ۽ ته بچاءُ ڪريو ۽ ته مان اوهان

تُرْحَمُوْنَ ۝ فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ

تي رحم ڪيو وڃي. پوءِ ڪوڙو ڪيائون نوح کي پوءِ ڇڏايوسون نوح کي ۽ جيڪي ساڻس هئا ٻيڙيءَ ۾

وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ۝

۽ ٻوڙيوسون تن کي جن ڪوڙيون ڄاتيون آيتون اسان جيون. تحقيق هو هئا قوم انڌن جي

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ طرف قبيلي عاد جي موڪليوسون ڀاءُ انهن جي هود کي. چيائين اي قوم منهنجي عبادت ڪريو خدا جي ناهي اوهان

إِلٰهٍ غَيْرُهُ ۚ أَفَلَا تَتَّقُونَ ○ قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ قَوْمِهِ

ڪو الله سواءِ خدا جي ڪونهي ڇا ته بچو — چيو جماعت ڪافرن جي قوم سندس مان

إِنَّا لَنَرَاكَ فِي سَفَاهَةٍ وَإِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكَاذِبِينَ ○ قَالَ

ته اسين ڏسون ٿا توکي بيوقوفي ۾ ۽ اسين گمان ڪريون ٿا توکي ڪوڙن مان — چيو هود

يَا قَوْمِ لَيْسَ بِي سَفَاهَةٌ وَلَٰكِنِّي رَسُولٌ مِنْ رَبِّ الْعَالَمِينَ ○

اي قوم ناهي مون ۾ ڪا بيوقوفي پر آءُ رسول آهيان ڪنا خدا جو مالڪ جهانن جو

أُبَلِّغُكُمْ رِسَالَاتِ رَبِّي وَأَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ أَمِينٌ ○ أَوَعَجِبْتُمْ

ٿو رسايان اوهان کي پيغام رب جا ۽ آءُ اوهان جو خير خواه ۽ امانتدار آهيان ڇا عجب ڪريو ٿا

أَنْ جَاءَكُمْ ذِكْرٌ مِنْ رَبِّكُمْ عَلَىٰ رَجُلٍ مِنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ

ته آئي اوهان کي نصيحت ڪنا رب اوهان جي مٿي زبان هڪ مرد جي اوهان مان جو ڊيجاري اوهان کي

وَاذْكُرُوا إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَاءَ مِنْ بَعْدِ قَوْمِ نُوحٍ وَزَادَكُمْ

۽ ياد ڪريو ته ڪيو اوهان کي الله حاڪم زمين ۾ پٺيان قوم نوح جي ۽ گهڻي ڏنائين اوهان کي

فِي الْخَلْقِ بَسْطَةً ۖ فَاذْكُرُوا آلَاءَ اللَّهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ ○

ڪنا ٻين مخلوقن جي قوت ۾ پوءِ ياد ڪريو نعمتون خدا جون مان ته اوهين ڇٽو

قَالُوا أَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللَّهَ وَحْدَهُ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ

چيائون ڇا آيو آهين اسان وٽ ته عبادت ڪريون خدا هيڪڙي جي ۽ ڇڏيون ان کي جنهن جي عبادت ڪندا

آبَاؤُنَا ۖ فَأْتِنَا بِمَا تَعِدُنَا إِنْ كُنْتَ مِنَ الصَّادِقِينَ ○ قَالَ

هوا ابا اسان جا پوءِ آڻ اسان تي اهو عذاب جو وعدو ڪرين ٿو جي آهين سچن مان — چيو هود

قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِنْ رَبِّكُمْ رِجْسٌ وَغَضَبٌ ۖ أَتُجَادِلُونَنِي

تحقيق نازل ٿيندو اوهان تي ڪنا رب عذاب ۽ ڏمر — ڪوه وڙهو ٿا مون سان

فِي أَسْمَاءٍ سَمَّيْتُمُوهَا أَنْتُمْ وَآبَاؤُكُمْ مَا نَزَّلَ اللَّهُ بِهَا مِنْ

واسطي ٻتن جي جو رکيا اٿو ۽ ابن اوهان جن — نه نازل ڪيو خدا سان انکا

سُلْطٰنٍ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ۝ فَاَنْجَيْنٰهُ

حجت پوءِ منتظر ٿيو عذاب جي ۽ آءٌ به اوهان سان منتظرن مان آهيان پوءِ بچايوسون هود

وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَقَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

کي ۽ تن کي جي هو ساڻس ساڻ رحمت اسان جي سان ۽ ڪٽيسون پاڙ تن جي جن ڪوڙو ڀانيو

بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ۝ وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا

آيتون اسان جيون ۽ نه هوا اُهي مؤمن ايمان وارا ۽ موڪليوسون طرف قبيلي ثمود جي صالح نبي

قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ قَدْ جَاۗءَتْكُمْ

چيائين اي قوم منهنجي عبادت ڪريو خدا جي ناهي اوهان جو ڪو الله سواءِ خدا جي تحقيق آيو اوهان کي

بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ

معجزو ڪنا رب اوهان جي هيءَ آهي اُٺ مخلوق خدا جي اوهان لاءِ معجزو پوءِ ڇڏيو اُنهي کي ته کائي

فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْۗءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝

منهنجي زمين خدا جي ۽ مَ رسايو اُنهي کي ايذاءُ پوءِ وٺي اوهان کي عذاب ڏکوئيندڙ

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَاۗءَ مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّبَوَّاَكُمْ فِي الْاَرْضِ

۽ ياد ڪريو ته جڏهن ڪيو اوهان کي خدا خليفا پوءِ هٿان عادين جي ۽ جاءِ حڪومت جي ڏني زمين ۾ اوهان کي

تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّتَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ

اڏيو ٿا ڪنارن زمين ماڙيون ۽ کوٽيو ٿا جبلن کي گهر بنجا

فَاذْكُرُوْٓا اٰلَاۗءَ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ۝ قَالَ

پوءِ ياد ڪريو نعمتون خدا جيون ۽ مَ ڦريو ٿيو منهنجي زمين فساد ڪندڙ چيو

الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ

جماعت جنهن هٺ ڪيو ڪنا قوم سندس هئس واسطي ضعيفن جي جن ايمان

اٰمَنَ مِنْهُمْ اَتَعْلَمُوْنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ

آندو اُنن مان ته ڄاڻو ٿا ته صالح رسول آهي رب جو چيائون اسين ساڻ

أُرْسِلَ بِهِ مُؤْمِنُونَ ○ قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا إِنَّا بِالَّذِي

رسول لائي آهي ويسهون ٿا چيو تن جن هٺ ڪيو ته اسين سا ته رسول

آمَنْتُمْ بِهِ كَافِرُونَ ○ فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ أَمْرِ رَبِّهِمْ

ويسهيا سون جهڪي آهي ته نه ويسهون ٿا پوءِ ڪٽيائون ڏاچي کي ۽ ڦريا ڪنان فرمان خدا جي

وَقَالُوا يَا صَالِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَا إِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِينَ ○

۽ چيائون اي صالح آڻ اسان تي اهو عذاب جنهن جو وعدو ڪيو ٿو جي آهين ڪنان رسولن

فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دَارِهِمْ جَاثِمِينَ ○ فَتَوَلَّى

پوءِ ورتن انکي زلزلي پوءِ ٿي پيا منجهه گهرن سندن مئل پوءِ منهن موڙي

عَنْهُمْ وَقَالَ يَا قَوْمِ لَقَدْ أَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّي وَنَصَحْتُ

صالح ان کان ۽ چيائين اي قوم تحقيق رسايم انکي پيغام رب جا ۽ نصيحت ڪيم

لَكُمْ وَلَٰكِنْ لَا تُحِبُّونَ النَّاصِحِينَ ○ وَلُوطًا إِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ

انکي پر آهي ته محبت رکو ٿا خير خواهن جي کي ۽ لوط کي جڏهن چيو قوم پنهنجي کي

أَتَأْتُونَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ أَحَدٍ مِنَ الْعَالَمِينَ ○

ته ڪريو ٿا بي حيائي جو نه ڪيو هن اڳ ڪنهن هيڪري جهان منجها

إِنَّكُمْ لَتَأْتُونَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِنْ دُونِ النِّسَاءِ ۚ بَلْ أَنْتُمْ قَوْمٌ

تحقيق اوهين ماڻهن سان ٿا شهوت جي لاءِ نه عورتن سان بلڪ اوهين جماعت آهيو

مُسْرِفُونَ ○ وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهِ إِلَّا أَنْ قَالُوا أَخْرِجُوهُمْ

حد لنگهندڙ ۽ نه هو جواب قوم لوط جي جو مگر چيائون ته ڪڍيو لوط ۽ ان جي تابعدارن کي

مِنْ قَرْيَتِكُمْ ۖ إِنَّهُمْ أُنَاسٌ يَتَطَهَّرُونَ ○ فَأَنْجَيْنَاهُ وَأَهْلَهُ

سندس ڳوٺ مان آهي ماڻهو پاڪ ٿيندڙ آهن پوءِ بچايوسون لوط ۽ اولاد ان جي

إِلَّا امْرَأَتَهُ كَانَتْ مِنَ الْغَابِرِينَ ○ وَأَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَطَرًا

مگر زال لوط جي هئي ڪنان هلاڪ ٿيندڙن ۽ وسايوسون انهن مٿان عذاب پٿرن جو



فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِينَ ۝ وَإِلَىٰ مَدْيَنَ أَخَاهُمْ

پوءِ ڏس ته ڪيئن ٿي عاقبت ڪافرن جي ۽ موڪليوسون طرف قبيلي مدين جي ٢

شُعَيْبًا ۗ قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُمْ مِنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُ ۖ

شعيب نبي کي چيائين اي قوم منهنجا پاڪ ڪريو خدا کي ناهي ڪو خدا اوهان جو سواءِ الله جي

قَدْ جَاءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِنْ رَبِّكُمْ ۖ فَأَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيزَانَ

تحقيق آيا اوهان کي معجزا رب جا پوءِ پورو ڏيو ماڻ ۽ تور

وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ أَشْيَاءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوا فِي الْأَرْضِ

۽ م گهٽ ڏيو ماڻهن کي تور انهن جا ۽ م فساد ڪريو وچ ڌرتيءَ جي زمين مٿي

بَعْدَ إِصْلَاحِهَا ۚ ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَكُمْ إِنْ كُنْتُمْ مُؤْمِنِينَ ۝

پٺيان صالحائي زمين جي ٿي ڳالهه ڀلي اوهان لاءِ جي آهيو ويساهو ٿا

وَلَا تَقْعُدُوا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوعِدُونَ وَتَصُدُّونَ عَنْ

۽ م ويهو سڀ واٽن تي وعدو ڪريو ٿا ۽ جهليو ٿا کنا

سَبِيلِ اللَّهِ مَنْ آمَنَ بِهِ وَتَبْغُونَهَا عِوَجًا ۚ وَاذْكُرُوا

واٽ خدا جي مومن کي ۽ چاهيو ٿا دين کي ڏنگو ۽ ياد ڪريو

إِذْ كُنْتُمْ قَلِيلًا فَكَثَّرَكُمْ ۖ وَانْظُرُوا كَيْفَ كَانَ

جڏهن هوا اوهين ٿورڙا پوءِ گهڻا ڪيائين اوهان کي خدا ٥ ۽ ڏسو ته ڪيئن هئي

عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِينَ ۝ وَإِنْ كَانَ طَائِفَةٌ مِنْكُمْ آمَنُوا

عاقبت فساد ڪندڙن جي ۽ جيڪا جماعت اوهان منجها ويساهي

بِالَّذِي أُرْسِلْتُ بِهِ وَطَائِفَةٌ لَمْ يُؤْمِنُوا فَاصْبِرُوا

ته دين کي موڪليو ويو مون کي ساڻ جنهن ۽ ٻي جماعت نه ويساهي پوءِ صبر ڪريو

حَتَّىٰ يَحْكُمَ اللَّهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحَاكِمِينَ ۝

تان جو حڪم ڪري خدا اسان وچ ۽ اوءِ ڀلو حاڪم آهي

٢ جو پٽ هو حضرت ابراهيم خليل الله جو

٣ مدين پٽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڌيءَ حضرت لوط جي [illegible]



قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا مِنْ قَوْمِهِ لَنُخْرِجَنَّكَ

چيو جماعت تن جن هٺ ڪيو ڪنا قوم انجي تر ڪيدندا سون توکي

يٰشُعَيْبُ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَا أَوْ لَتَعُودُنَّ

اي شعيب ۽ تنکي جي وسهيا توکي ڪنا ڪوٺ اسان جي جيئي سونٿو

فِي مِلَّتِنَا ۚ قَالَ أَوَلَوْ كُنَّا كَارِهِينَ ۝ قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللَّهِ

منجهه دين اسان جي چيو شعيب ڪيئي موٽنداسون ۝ تحقيق ٻڌ ڙسون خدا تي

كَذِبًا إِنْ عُدْنَا فِي مِلَّتِكُمْ بَعْدَ إِذْ نَجَّانَا اللَّهُ مِنْهَا ۚ وَمَا

ڪوڙ جي موٽهون منجهه دين اوهان جي پڄاڻان تهجي جڏهن بچايو اسان کي خدا کفر کان ۽ ناهه

يَكُونُ لَنَا أَنْ نَعُودَ فِيهَا إِلَّا أَنْ يَشَاءَ اللَّهُ رَبُّنَا ۚ وَسِعَ

لائق اسان کي موٽڻ ڪفر ۾ مگر جي گهري خدا اي رب اسان جا ڪشادو آهه

رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ۚ عَلَى اللَّهِ تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا

علم تهجو سڀني جي علم کان مٿي خدا اعتماد ڪيو سون اي رب اسان جا فتح ڪر وچ

وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَأَنْتَ خَيْرُ الْفَاتِحِينَ ۝ وَقَالَ الْمَلَأُ

اسان ۽ قوم اسان جي حق سان ۽ تون ڀلو فتح ڪندڙ آهين ۝ ۽ چيو جماعت

الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ قَوْمِهِ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا إِنَّكُمْ إِذًا

تن جن ڪفر ڪيو ڪنا قوم انجي تر جي تابع ٿيندا شعيب کي تر تحقيق ۾

لَخَاسِرُونَ ۝ فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دَارِهِمْ جَاثِمِينَ

چيو وارا ٿيندا ۝ پوءِ ورتو انکي ڌٻڻ پوءِ ڦري ٿيا منجهه جهوپڙين سندن مٿل

الَّذِينَ كَذَّبُوا شُعَيْبًا كَأَنْ لَمْ يَغْنَوْا فِيهَا ۚ الَّذِينَ كَذَّبُوا

جن تن وسهيا شعيب کي ڪر ڪي ته رهيا ڏنيا ۾ جن نه وسهيا

شُعَيْبًا كَانُوا هُمُ الْخَاسِرِينَ ۝ فَتَوَلَّىٰ عَنْهُمْ وَقَالَ يَا قَوْمِ لَقَدْ

شعيب کي ٿيا اوءِ جيئي وارا ۝ پوءِ منهن موڙيو شعيب انکان ۽ چيائين اي قوم تحقيق

أَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ

رسايا مون انکي پيغام رب جا ۽ نصيحت ڪيم انکي پوءِ ڪيئن ڏک ڪريان مٿي

كٰفِرِيْنَ ۝ وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّآ اَخَذْنَآ اَهْلَهَا

قوم ڪافرن جي ۽ نه موڪليوسون منجهه ڳوٺ ڪو نبي مگر ورتوسون ماڻهن انجي

بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَضَّرَّعُوْنَ ۝ ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ

سان ڏکي اهنج ۽ مرض ماناوءِ نياز ڪن پوءِ مٽائي ڇڏيوسون عوض

السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّقَالُوْا قَدْ مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ

گناهن جي نعمتون تان جو گهڻا ٿيا اولاد انجا ۽ چيائون تحقيق رسندا هوا ابن اسان

وَالسَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝ وَلَوْ اَنَّ

کي اهنج ۽ سهج پوءِ ورتوسون انکي اوچتو ۽ اهي نه ڄاڻن ٿا ۽ جي هوندا

اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ

اهل ڳوٺن جا وسهن الله کي ۽ ڊڄن ته اپٽيون انتي برڪتون ڪنا آسمان

وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝

۽ زمين پر نه وسهيا پوءِ ورتوسون انکي سانڀڙ ته عملن جي ڪمائي

اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ ۝

ڪي امن وارا آهين اهل ڳوٺن جا هن کان جيئن اچي انتي عذاب راتجو ۽ اهي ننڊ ۾ هجن

اَوَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ۝

ڪي امن وارا آهين اهل ڳوٺن جا هن کان جيئن اچي انتي عذاب اول ڏينهن ۾ ۽ اهي غافل هجن

اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝

ڪي امن وارا آهين عذاب خدا جي کان نه آهين امن وارا عذاب خدا جي کان مگر ٽوٽي وارا

اَوَلَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ

ڪي ظاهر ٿيو واسطي تن جي جيڪي وارث ٿيا زمين جا پوءِ ماڻهن مالڪن انجي

نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا

تہ ھوند گھرُون تہ جزا ڏيون گناھن جي ۽ مُھر ڪريون ٿا اُنھن جي دلين تي پوءِ اُھي

يَسْمَعُوْنَ ○ تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَ

نہ ٻُڌن اُھي ڳوٺ ڪافرن جا قصا ڪيا سون تو تي ڪنا خبرن اُنھن جي ۽

لَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا

تحقيق آيا اُنکي رسول ساڻ معجزن پوءِ نہ ھُوا وسھندڙ سبب تھڙي جي نہ وسھيا

مِنْ قَبْلُ ۚ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ○ وَمَا

ھو اڳيان مثل اُنجي مُھر ڪري خدا مٿي قلبن ڪافرن جي ۽ نہ

وَجَدْنَا لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ○

ڏٺيسون گھڻن ماڻھن جي وفا ۽ تحقيق ڏٺاسون گھڻن ماڻھو ڦريل خدا کان

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ

پوءِ موڪليوسون پُٺيان اُنجي موسىٰ ساڻ آيتن طرف فرعون جي ۽ لشڪر اُنجي

فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ○ وَقَالَ

پوءِ ظلم ڪيائون سھيا معجزن کي پوءِ ڏس تہ ڪيئن ٿي عاقبت فساد ڪندڙن جي ۽ چيو

مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ○ حَقِيْقٌ

موسىٰ اي فرعون آءُ رسول آھيان رب پرورش جھانن جي جو سچو آھيان

عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ۚ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ

نہ چوان خدا تي ڪوڙ مگر سچ تحقيق آيس اوھان وٽ ساڻ معجزي

رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ○ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ

رب وٽان پوءِ موڪل مون سان اولاد يعقوب جو ۽ چيو فرعون سچي آندو ٿو

بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ○ فَاَلْقٰى عَصَاهُ

معجزو تہ آڻ سو جي آھين تون ڪنا سچن پوءِ وڌائين لٺ پنھنجي

فَإِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِينٌ ○ وَنَزَعَ يَدَهُ فَإِذَا هِيَ بَيْضَاءُ

تڏهن اُها ظاهر اَزدها ٿي پيئي ۽ ڪڍيائين هٿ بغل منجهان ته اُهو سفيد ٿيو

لِلنَّاظِرِينَ ○ قَالَ الْمَلَأُ مِن قَوْمِ فِرْعَوْنَ إِنَّ هَٰذَا لَسَاحِرٌ عَلِيمٌ ○

ڏسندڙن کي. چيو جماعت فرعون جي ته تحقيق هي ساحر ڏاڍو آهي

يُرِيدُ أَن يُخْرِجَكُم مِّنْ أَرْضِكُمْ فَمَاذَا تَأْمُرُونَ ○ قَالُوا

ياهي ٿو ته ڪڍي اوهان کي ملڪ مان اوهان جي، پوءِ ڪهڙي مصلحت ڪريو ٿا. چيائون

أَرْجِهْ وَأَخَاهُ وَأَرْسِلْ فِي الْمَدَائِنِ حَاشِرِينَ ○ يَأْتُوكَ بِكُلِّ

مهلت ڏي هن کي ۽ ڀاءُ هن جي کي ۽ موڪل ملڪن ۾ گڏ ڪندڙ ته وٺي اچن تو وٽ

سَاحِرٍ عَلِيمٍ ○ وَجَاءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوا إِنَّ لَنَا لَأَجْرًا إِن

هر ڏاڍي ساحر کي. ۽ آيا ساحر فرعون وٽ. چيائون ته اسان کي ضرور مزد هوندو جي

كُنَّا نَحْنُ الْغَالِبِينَ ○ قَالَ نَعَمْ وَإِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِينَ ○ قَالُوا

ٿياسون اسين غالب. چيائين ها ۽ اوهين مقرب ٿيندا. چيائون

يَا مُوسَىٰ إِمَّا أَن تُلْقِيَ وَإِمَّا أَن نَّكُونَ نَحْنُ الْمُلْقِينَ ○ قَالَ

اي موسىٰ، يا ته تون وجهه يا ته اسين وجهندڙ ٿيون. چيو موسىٰ

أَلْقُوا فَلَمَّا أَلْقَوْا سَحَرُوا أَعْيُنَ النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوهُمْ وَ

وجهو. پوءِ جڏهن وڌائون سحر ڪيائون ماڻهن جي اکين تي ۽ ڊيڄاريائون هنن کي ۽

جَاءُوا بِسِحْرٍ عَظِيمٍ ○ وَأَوْحَيْنَا إِلَىٰ مُوسَىٰ أَنْ أَلْقِ عَصَاكَ

ڪيائون سحر وڏو. ۽ وحي ڪيوسين الله موسىٰ ڏي ته وجهه لٺ تنهنجي

فَإِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَأْفِكُونَ ○ فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوا

پوءِ اُن يڪدم ڳهي ويئي سو سحر جو ٺهيل ٺاهيائون. پوءِ ظاهر ٿيو حق ۽ ڪوڙو ٿيو جيڪي

يَعْمَلُونَ ○ فَغُلِبُوا هُنَالِكَ وَانقَلَبُوا صَاغِرِينَ ○ وَأُلْقِيَ

ساحرن جا. پوءِ هيڻا ٿيا ان مڪان ۾ ۽ موٽيا خوار ٿي. ۽ ڪريا

السَّحَرَةُ سٰجِدِينَ ۝ قَالُوٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِينَ ۝ رَبِّ مُوسٰى

ساحر سجدي ۾ پيا خدا جي چيائون ته ويسهياسون رب جهانن جي کي جو رب آهي موسيٰ

وَهٰرُونَ ۝ قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّ

۽ هارون جو چيو فرعون ته ويسهيا اڳ انکي مهند ڪنا موڪل منهنجي تحقيق

هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوهُ فِي الْمَدِينَةِ لِتُخْرِجُوا مِنْهَآ اَهْلَهَا ۚ

هي فريب جو ڪيو اٿوَ ان شهر مصر جي منجهان ته ڪڍيون ٿهان ماڻهو انجا

فَسَوْفَ تَعْلَمُونَ ۝ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ

پوءِ سگهو ڄاڻندا ته وڍيندس هٿ اوهانجا ۽ پير اوهانجا ٻن طرفا

ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِينَ ۝ قَالُوٓا اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُونَ ۝

پوءِ سوريءَ چاڙهيندس اوهان مڙني کي چيائون ته اسين طرف رب اسانجي موٽڻ وارا

وَمَا تَنْقِمُ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتْنَا ۚ رَبَّنَآ

نٿو بغض رکين اسان سان مگر هن لاءِ ته ويسهياسون ساڻ آيتن رب جي جڏهن آيا اسان کي

اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّتَوَفَّنَا مُسْلِمِينَ ۝ وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ

اي رب اسانجا نازل ڪر اسان تي صبر ۽ مار اسان کي مسلمان ڪري ۽ چيو جماعت قوم

فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوسٰى وَقَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوا فِي الْاَرْضِ وَيَذَرَكَ


فرعون جي ته ڪيو ڇڏين ٿو موسيٰ ۽ قوم انجي کي ته فساد ڪن زمين منهن ۾ ۽ ڇڏين توکي

وَاٰلِهَتَكَ ۚ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ وَنَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّا

۽ بتن تنهنجن کي چيو فرعون ته ڪهندا سون پٽ انجا ۽ ڇڏيندا سون عورتون انجيون

فَوْقَهُمْ قٰهِرُونَ ۝ قَالَ مُوسٰى لِقَوْمِهِ اسْتَعِينُوا بِاللّٰهِ

۽ اسين انتي غالب هئون چيو موسيٰ قوم پنهنجي کي ته مدد گهرو خدا کان



وَاصْبِرُوا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ يُورِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۗ

۽ صبر ڪريو تحقيق زمين آهي واسطي خدا جي ڏيندو وارث ڪري جنهن کي گهري ٻانهن منجها



وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ ○ قَالُوٓا أُوذِينَا مِن قَبْلِ أَن تَأْتِيَنَا

۽ خير ڀلارو نيڪن لاءِ   چيو قوم موسيٰ جي ته ايذاءُ ڪيا اسان کي مهنجي اچڻ

وَمِنۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ۚ قَالَ عَسَىٰ رَبُّكُمْ أَن يُهْلِكَ عَدُوَّكُمْ

کان پڄاڻان اچڻ تنهنجي   چيو موسيٰ اميد آهي ته رب اوهان جو خراب ڪندو دشمن اوهان جا

وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِي الْأَرْضِ فَيَنظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُونَ ○ وَلَقَدْ

۽ جاءِ تي ڪندو اوهان کي مصر ملڪ ۾ پوءِ ڏسندو خدا ته ڪهڙا ڪم ڪريو ٿا   ۽ تحقيق

أَخَذْنَآ ءَالَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِينَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرَٰتِ لَعَلَّهُمْ

ورتوسون قوم فرعون جي کي سالن ڏڪارن ۾ گهٽتائي ميون جي مان نصيحت

يَذَّكَّرُونَ ○ فَإِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوا لَنَا هَٰذِهِۦ ۖ وَإِن

قبول ڪن   پوءِ جڏهن ايندي هئي اُنهن کي صحت سڳار ۾ نعمت چوندا هوا اسان لائق آهي

تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَطَّيَّرُوا بِمُوسَىٰ وَمَن مَّعَهُۥٓ ۗ أَلَآ إِنَّمَا طَٰٓئِرُهُمْ

۽ جي پهچي ٿي سختي ته نسبت شومي جي ڪندا هوا موسيٰ ۽ سندس قوم ڏانهن چو ته شومي اُنهن جي

عِندَ اللَّهِ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ○ وَقَالُوا مَهْمَا تَأْتِنَا

خدا وٽ آهي   پر گهڻا اُن مان نٿا ڄاڻن   ۽ چيائون جيڪو تون ڪري آيت

بِهِۦ مِنْ ءَايَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِينَ ○ فَأَرْسَلْنَا

معجزو   ته سحر ڪرين تون اسان تي اُن سان پوءِ اسين تو کي نٿا ويساهه ڪريون   پوءِ موڪليوسين

عَلَيْهِمُ الطُّوفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ

اُنهن تي طوفان يعني ٻوڏ مينهن جي ۽ مڪڙ ۽ جونئون ۽ ڏيڏر ۽ مينهن رت جو

ءَايَٰتٍ مُّفَصَّلَٰتٍ فَاسْتَكْبَرُوا وَكَانُوا قَوْمًا مُّجْرِمِينَ ○

پڌرا معجزا   پوءِ هٺ ڪيائون   ۽ هئا جماعت ڏوهارين جي

وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوا يَٰمُوسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ

۽ جڏهن نازل ٿيندو هو اُنهن تي عذاب چوندا هوا اي موسيٰ دعا گهر رب کان سبب وعدي

۽ جڏهن نازل ٿيندو هو

عِنْدَكَ لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ

ربّ جي توسان جي لاءِ هُئڻ، جيڪڏهن اسان کان عذاب ٽاري ڇڏيندين ته توتي ضرور ايمان آڻينداسون ۽ توسان گڏ ضرور موڪلينداسون

مَعَكَ بَنِيٓ إِسْرَآءِيلَ ○ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ إِلَىٰٓ أَجَلٍ

توسان بني اسرائيل. پوءِ جڏهن هٽايوسون انهن کان عذاب طرف وقت جي

هُم بَالِغُوهُ إِذَا هُمْ يَنكُثُونَ ○ فَانتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَأَغْرَقْنَاهُمْ فِي

اُهي پهچڻ وارا هئا ته پوءِ عهد ڀڃڻ لڳا. پوءِ عقوبت ڪئي سون انهن کي پوءِ ٻوڙيوسون انهن کي

الْيَمِّ بِأَنَّهُمْ كَذَّبُوا بِـَٔايَاتِنَا وَكَانُوا عَنْهَا غَافِلِينَ ○ وَأَوْرَثْنَا

دريا ۾ سبب هن جي ته انهن ڪوڙو ڄاتو اسان جي معجزن کي ۽ هئا انهن کان غافل. ۽ وارث ڪيوسون

الْقَوْمَ الَّذِينَ كَانُوا يُسْتَضْعَفُونَ مَشَارِقَ الْأَرْضِ وَ

قوم موسىٰ جي کي جي هئا ضعيف. مالڪ ان گهڻن جو منجهه مشرق زمين جي ۽

مَغَارِبَهَا الَّتِي بَارَكْنَا فِيهَا ۖ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنَىٰ

منجهه مغرب زمين جي برڪت ڪئي سون جنهن ۾. ۽ پورو ٿيو وعدو رب جو موچارو

عَلَىٰ بَنِيٓ إِسْرَآءِيلَ بِمَا صَبَرُوا ۖ وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ

مٿي بني اسرائيلن سبب صبر ڪرڻ انهن جي. ۽ هلاڪ ڪيوسون جيڪي ڪيو

فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهُ وَمَا كَانُوا يَعْرِشُونَ ○ وَجَاوَزْنَا بِبَنِيٓ

فرعون ۽ لشڪر انهن جي ۽ جيڪي اڏيندا هئا. ۽ لنگهايوسون بني

إِسْرَآءِيلَ الْبَحْرَ فَأَتَوْا عَلَىٰ قَوْمٍ يَعْكُفُونَ عَلَىٰٓ أَصْنَامٍ لَّهُمْ

اسرائيلن کي دريا منجها پوءِ آيا مٿي قوم جن عبادت ۾ رهي بتن جي جي هئا انهن جا

قَالُوا يَا مُوسَى اجْعَل لَّنَا إِلَٰهًا كَمَا لَهُمْ آلِهَةٌ ۚ قَالَ إِنَّكُمْ قَوْمٌ

تڏهن چيائون اي موسىٰ جوڙي ڏي اسان کي بت جهڙا انهن جا بت آهن. چيو موسىٰ ته اوهين جماعت

تَجْهَلُونَ ○ إِنَّ هَٰٓؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيهِ وَبَاطِلٌ مَّا كَانُوا

جاهلن جي آهيو. تحقيق هي بت هلاڪ ٿيندا جن جي عابد آهن ۽ ضايع ٿيندا

ربع

يَعْمَلُوْنَ ○ قَالَ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى

عمل اُهن ۔ چيو موسىٰ ڪ سواءِ خدا جي جوڙي ڏيان اوهان کي الٰه بت ۔ الله پاڻ ڪيو اوهان کي مٿي

الْعٰلَمِيْنَ ○ وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ

ڀين جهانن ۔ ياد ڪريو جڏهن ڇڏايو سون اوهان کي ڪنان فرعون جڏهن ڇڪايا ٿي اوهان کي ڏاڍو

الْعَذَابِ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ وَفِيْ

عذاب ڪُهنا ٿي پٽن اوهان جي ۔ جيارڻا ٿي عورتن اوهان جي ۔ ۽ منجهه

ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ○ وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ

اُن عذاب هو ڪنان رب اوهان جي وڏو ۔ ۽ وعدو ڪيو سون موسىٰ سان ٽيهه

لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً

راتيون ۔ ۽ ڏهه ٻيون ڪيو سون ته راتيون پوريون ۔ پورو ٿيو وعدو رب جو چاليهه راتيون

وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ

۽ چيو موسىٰ ڀاءُ پنهنجي هارون کي ته خليفو ٿيءُ منهنجو منجهه قوم منهنجي ۔ ۽ سڌارو ڪج

وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ○ وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا

۽ مَر تابع ٿيج واٽ فساد ڪندڙن جي جو ۔ ۽ جڏهن آيو موسىٰ وعدي اسان جي

وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ۭ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ

۽ ڳالهايو ساڻس رب ۔ چيو موسىٰ اي رب منهنجا ڏيکار ڏات پنهنجي مون کي ته ڏسان توکي ۔ چيو خدا ته نه ڏسين

وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ


پر ڏس مٿي تجلي پنهنجي مٿي جبل طور ۔ پوءِ جي ثابت رهندو جبل ته ڏسي سگهندين مون کي

فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ

پوءِ جڏهن تجلي وڌي خدا جبل تي ته ٿيو ذرا ذرا ۔ ڪري پيو موسىٰ بيخبر ٿي

فَلَمَّآ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ○

پوءِ جڏهن خبردار ٿيو موسىٰ چيائين ته اي الله منهنجا پاڪ آهين تون ۔ ۽ توبهه ڪريان ۽ آهيان سڀ کان پهريون ايمان وارو



قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَ

چيو خدا اي موسيٰ مون پاڻ وٽ توکي سڀني ماڻهن تان ساڻ رسالتن پنهنجي ۽

بِكَلَامِىْ ۖ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ○ وَكَتَبْنَا لَهٗ

ساڻ ڪلام پنهنجي پوءِ وٺ اهو جو ڏنو تو کي ۽ هُجُ شڪر ڪندڙن مان ۽ لکياسون انکي

فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَىْءٍ ۚ فَخُذْهَا

تختين ۾ هر شيءِ مان نصيحت ۽ بيان سڀني شين لاءِ پوءِ وٺ تون ان کي

بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ۭ سَاُورِيْكُمْ دَارَ

ساڻ سگهه جي ۽ حڪم ڪر قوم پنهنجي کي ته وٺن بهتر تي انجي سگهوئي ڏيکاريندس اوهان کي

الْفٰسِقِيْنَ ○ سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِىَ الَّذِيْنَ يَتَكَبَّرُوْنَ فِى

جڳهه نافرمانن جي سگهوئي ڦيرائيندس آيتن پنهنجين کان انهن کي جن وڏائي ڪئي

الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۭ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَاِنْ

زمين ۾ ناحق ۽ جي ڏسندا سڀ معجزا ته نه ايمان آڻيندا انهن تي ۽ جي

يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا

ڏسندا واٽ هدايت جي ته نه وٺندا ان کي واٽ ۽ جي ڏسندا

سَبِيْلَ الْغَيِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا

واٽ گمراهي جي ته وٺندا ان کي واٽ هي هن ڪري جو انهن ڪوڙو ڀانيو آيتن اسان جين کي

وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ○ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَاۗءِ

۽ هئا انهن کان غافل ۽ جن ڪوڙو ڀانيو آيتن اسان جين کي ۽ گڏجڻ

الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۭ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ○

آخرت جي کي ضايع ٿيا عمل انهن جا نه بدلو ڏبو انهن کي مگر عملن پنهنجن جو

وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ

۽ بنايو قوم موسيٰ جي پٺيان انهن جي زيورن مان گابو جسم جو ان کي

خُوَارٌ ۭ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ

آواز ٿي ڪيائين ڇو نه ڏٺائون ته گابو نه ٿو ڳالهائي ساڻن ۽ نه ٿو ڏيکاري واٽ

اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ۝ وَلَمَّا سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا

ورتائون گابو ۽ ٿيا ڪافر بڻجي ويا ۽ جڏهن پشيمان ٿيا نصيحت هارون جي ۽ ڏٺائون

اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ

ته اُهي گمراه ٿيا سون چيائون جي نه رحم ڪندو رب اسان جو ۽ نه معاف ڪندو ته ٿينداسون

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝ وَلَمَّا رَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۙ

ڇيئي وارا ۽ جڏهن موٽيو موسىٰ طرف قوم پنهنجي جي ڏمر ڪندڙ ڏکوئل ٿي

قَالَ بِئْسَمَا خَلَفْتُمُوْنِيْ مِنْۢ بَعْدِيْ ۚ اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ۚ

چيائين مون کان پوءِ ڪهڙو نه بُرو ڪم ڪيو اوهان . ڇو تڪڙ ڪئي اوهان ۽ فرمان رب جي اچڻ کان اڳ

وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ وَاَخَذَ بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗٓ اِلَيْهِ ۭ قَالَ ابْنَ اُمَّ

۽ اڇلائي ڇڏيائين تختيون ۽ ورتائين مٿي ڀاءُ پنهنجي کي ڇڪيائين پاڻ ڏانهن چيو هارون اي پٽ ماءُ جا

اِنَّ الْقَوْمَ اسْتَضْعَفُوْنِيْ وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِيْ ڮ فَلَا تُشْمِتْ

منهنجي جا تحقيق جماعت بني اسرائيل جي هيڻو ڄاتو مون کي ۽ ڪيائون ٿي مون کي ماري پوءِ مسرور ڪر

بِيَ الْاَعْدَاۗءَ وَلَا تَجْعَلْنِيْ مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ۝ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ

دشمن منهنجا مون گناه نه ڪيو آهي مون کي ساڻ قوم ظالمن جي چيو موسىٰ اي رب منهنجا

وَلِاَخِيْ وَاَدْخِلْنَا فِيْ رَحْمَتِكَ ڮ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ۝ اِنَّ

مون کي ۽ ڀاءُ منهنجي کي ۽ داخل ڪر اسان کي رحمت ۾ ۽ تون آهين وڏو بخشيندڙ ۽ تحقيق


الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِي

جن جوڙيو گابو رسندو انهن کي ڏمر خدا جو ۽ خواري ۾

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ ۝ وَالَّذِيْنَ عَمِلُوا

دنيا ۽ اهڙي طرح جزا ڏينداسون ڪوڙن کي ۽ جن ڪيا

پڪو ٿيو تفسير جامع الرحمٰن التنزيل مبين ترجمو حضرت موسىٰ جي ... جو حضرت يعقوب جو ... پٽ هو ... موسىٰ جو ... هو عمران



السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْ بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا اِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا

منداُيون پوءِ توبه ڪن پڄاڻان انهن جي ۽ ويسهن تحقيق رب تنهنجو پڄاڻا انهن جي

لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝ وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ اَخَذَ

مرهيندڙ ۽ بخشيندڙ آهي ۽ جڏهن لٿو موسى کي ڏمر ورتائين

الْاَلْوَاحَ ۚ وَفِيْ نُسْخَتِهَا هُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ

تختيون ۽ منجهن لکيل توريت هدايت ۽ رحمت هئي تن لاءِ جي رب کان

يَرْهَبُوْنَ ۝ وَاخْتَارَ مُوْسٰى قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ

ڊڄن ۽ اختيار ڪيو موسى قوم پنهنجي مان ستر مڙس طرف وعدہ طور جي

فَلَمَّآ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ

پوءِ جڏهن ورتو انهن کي ڌرتي چيو موسى اي رب جي گهرين ته هلاڪ ڪرين ها انهن کي مهند

وَاِيَّايَ ۭ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَاۗءُ مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ۭ

۽ مون کي ڪيئن هلاڪ ڪري اسان کي سبب ان جي جاهلن اسان جي ناهي ها ڪا مگر آزمودو

تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَاۗءُ وَتَهْدِيْ مَنْ تَشَاۗءُ ۭ اَنْتَ وَلِيُّنَا

تون گمراه ڪري جهڪي گهر سبب ان جي ۽ هدايت ڪري جهڪي گهر تون آهين مالڪ اسان جو

فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ۝ وَاكْتُبْ لَنَا

پوءِ معاف ڪر اسان کي ۽ رحمت ڪر اسان تي ۽ تون ڀلو مرهيندڙ آهين ۽ لکاءِ اسان لاءِ

فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ ۭ قَالَ

هن دنيا ۾ چڱائي ۽ آخرت ۾ چڱائي اسين موٽياسون توڏانهن چيو

عَذَابِيْٓ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَاۗءُ ۚ وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ۭ

عذاب منهنجو رسايان جهڪي گهران ۽ رحمت منهنجي ڪشادي آهه سڀني شين کان

فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ

پوءِ سگهو ئي لکائيندا سون رحمت واسطي تن جي ڊڄن ۽ ڏين زڪوٰة ۽ جيڪي

بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ۝ اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ

آيتون اسان جيون ويساهيندا جيڪي تابع ٿيندا پيغمبر جا جو نبي آهي اڻ سکيا جنهن کي

الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ

جنهن کي ڏسن ٿا يهودي ۽ نصراني لکيل وٽ اُنهي توريت مان ۽ انجيل مان

يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ

جو امر ڪري چڱاين جو ۽ منع ڪري اُمت کي مندائي جي ۽ حلال ڪري اُمت لاءِ پاڪ شيون

وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ


۽ حرام ڪري اُمت لاءِ ناپاڪ چيزا ۽ لاهي اُمت تان اهي ڪي بون تڪليف ۽ گراباري جي

كَانَتْ عَلَيْهِمْ ۗ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَ

هئي اُمتي مهندين اُمتن تي پوءِ جيڪي ويساهن آڻي ۽ تعظيم ڏين ۽ همراهي ڏين ۽

اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝ ع

تابع ٿين قرآن جا جو نازل ٿيو اُن تي اُهي ئي چڱا ڀلا آهين ڇُٽا



قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا الَّذِيْ لَهٗ

چئو اي ماڻهؤ تحقيق آءٌ پيغام ڏيندڙ آهيان خدا جو اوهان سڀني ڏانهن جنهن خدا جي

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ فَاٰمِنُوْا

بادشاهي آسمانن ۽ زمينن جي ناهي ڪو الله مگر اُهو جياري ۽ ماري پوءِ ويساهه

بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ

الله ۽ رسول کي جو نبي آهي اڻ پڙهيل جو ويساهي خدا کي ۽ ڪلمن خدا جي کي

وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ۝ وَمِنْ قَوْمِ مُوْسٰٓى اُمَّةٌ

۽ تابع ٿيو اُنجا ته مان اوهين هدايت وارا ٿيو ۽ ڪن قوم حضرت موسى جي جماعت

يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ۝ وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ

جي هدايت ڪن حق ڏانهه ۽ عدل ڪن ۽ ورهايا اسان بني اسرائيل ٻارهن ڀاڱا

أَسْبَاطًا أُمَمًا وَأَوْحَيْنَا إِلَىٰ مُوسَىٰ إِذِ اسْتَسْقَاهُ قَوْمُهُ أَنِ

ٻارهن اُمتون ۽ وحي ڪيوسون طرف موسىٰ جي جڏهن پاڻي گهريو ان کان قوم سندس ته

اضْرِب بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ فَانبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا

هڻ لٺ پنهنجي پٿر کي پوءِ پيدا ٿيا منجهانئس ٻارهن چشما

قَدْ عَلِمَ كُلُّ أُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَأَنزَلْنَا

ڄاتو سڀني ماڻهن جاءِ پيئڻ جي پنهنجي ۽ ڇانو ڪيوسون انهن تي ڪڪر جي ۽ نازل ڪيوسون

عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوَىٰ كُلُوا مِن طَيِّبَاتِ مَا رَزَقْنَاكُمْ وَمَا

انهن مٿي مَن ۽ ٻٽيڪل ته کائو ڪنا حلال رزق ڏنل اسان جي ۽ نه

ظَلَمُونَا وَلَٰكِن كَانُوا أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ۝ وَإِذْ قِيلَ لَهُمُ

ظلم ڪيائون اسان تي پر پاڻ سبب گناهن جي ظلم ڪيائون ۽ جڏهن چيو ويو انهن کي ته

اسْكُنُوا هَٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ وَقُولُوا حِطَّةٌ


ساڪن ٿيو هن ڳوٺ بيت المقدس ۾ ۽ کائو ڪنا ان جي مڪانن مان گهرو ۽ چئو معاف ڪر گناه

وَادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطِيئَاتِكُمْ سَنَزِيدُ الْمُحْسِنِينَ ۝

اسان جا ۽ داخل ٿيو منجهه دروازي بيت المقدس جي نياز ڪري ته معاف ڪنداسون خطائون اوهان جون سگهو ئي زياده

فَبَدَّلَ الَّذِينَ ظَلَمُوا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِي قِيلَ لَهُمْ

پوءِ مٽايو ظالمن ۽ چيائون غير ته ڪلمن جو جو امر ڪيو ويو انهن کي



فَأَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَاءِ بِمَا كَانُوا يَظْلِمُونَ ۝

پوءِ موڪليوسون انهن تي عذاب مري جو ڪنا آسمان سبب تهڄي ته ظلم ڪيائون

وَاسْأَلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِي كَانَتْ حَاضِرَةَ الْبَحْرِ إِذْ يَعْدُونَ

۽ پڇ انهن کي ڪنا ڳوٺ جو هو مٿي طرف درياه جي جڏهن حد لنگهيائون

فِي السَّبْتِ إِذْ تَأْتِيهِمْ حِيتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَيَوْمَ

منجهه ڏينهن ڇنڇر جي جڏهن پئي اينديون هيون مڇيون انهن جون منجهه ڏينهن ڇنڇر جي ڪُٺيون ظاهر

لَا يَسْبِتُونَ لَا تَأْتِيهِمْ كَذَٰلِكَ نَبْلُوهُم بِمَا كَانُوا يَفْسُقُونَ ○

نہ ڇنڇر ڪندا هوا تہ اينديون هيون ڪين ائين آزمايون ٿا انهن کي سبب انهيءَ جي فسق ڪرڻ

وَإِذْ قَالَتْ أُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُونَ قَوْمًا اللَّهُ مُهْلِكُهُمْ

۽ ياد ڪر جڏهن چيو جماعت منع ڪندڙن انهن ماڻهن کي ڇو نصيحت ٿا ڪريو جماعت کي شڪار ڪندڙ الله

أَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيدًا قَالُوا مَعْذِرَةً إِلَىٰ رَبِّكُمْ

يا عذاب ڪرڻ وارو آهي عذاب ڏاڍو چيائون عذر قبول ڪرڻ آسان هجي رب اوهان جي

وَلَعَلَّهُمْ يَتَّقُونَ ○ فَلَمَّا نَسُوا مَا ذُكِّرُوا بِهِ أَنجَيْنَا الَّذِينَ

۽ مان اهي ڊڄن پوءِ جڏهن وساري ڇڏيائون نصيحت جيڪا ڏني وئي ٿي نصيحت

يَنْهَوْنَ عَنِ السُّوءِ وَأَخَذْنَا الَّذِينَ ظَلَمُوا بِعَذَابٍ بَئِيسٍ

منع ڪندڙن کي ڇڏايو عذاب ۽ ورتوسون ظالمن کي جن شڪار ڪيو سخت عذاب

بِمَا كَانُوا يَفْسُقُونَ ○ فَلَمَّا عَتَوْا عَن مَّا نُهُوا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ

ڪندا سبب فسق ڪرڻ انهن جي پوءِ جڏهن ڦريا ڪنارو ان کان جنهن کان منع ٿي انهن کي چيوسون انهن کي

كُونُوا قِرَدَةً خَاسِئِينَ ○ وَإِذْ تَأَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ

ٿيو ڀولڙا خوار ٿيل ۽ جڏهن ٻڌايو رب تنهنجي تہ ضرور موڪليندو مٿن

إِلَىٰ يَوْمِ الْقِيَامَةِ مَن يَسُومُهُمْ سُوءَ الْعَذَابِ إِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيعُ

قيامت ڏينهن تائين جيڪي پهچائين ڏاڍو عذاب تحقيق رب تنهنجو ڪرڻ

الْعِقَابِ وَإِنَّهُ لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ○ وَقَطَّعْنَاهُمْ فِي الْأَرْضِ أُمَمًا

عذاب آهي ۽ الله ڪرم ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي ۽ ٽڪر ٽڪر ڪيوسون انهن کي زمين ۾ جماعتون

مِّنْهُمُ الصَّالِحُونَ وَمِنْهُمْ دُونَ ذَٰلِكَ وَبَلَوْنَاهُم بِالْحَسَنَاتِ

ڪي انهن مان صالح آهن ۽ ڪي ٻيا ۽ آزمايوسون انهن کي سان نعمتن

وَالسَّيِّئَاتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ○ فَخَلَفَ مِن بَعْدِهِمْ خَلْفٌ

۽ مصيبتن مان اهي موٽن پوءِ پيدا ٿيا انهن کان پوءِ ناخلف

وَرِثُوا الْكِتٰبَ يَأْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَيَقُوْلُوْنَ

وارث ٿيا توريت جا کڻن ٿا رشوت مال دنيا جو ۽ چون ٿا ته

سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ وَاِنْ يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهٗ يَاْخُذُوْهُ ؕ اَلَمْ يُؤْخَذْ

سگهو ٻخشيو ويندو اسان کي ۽ توبه ڪن نٿا جي هوند اچي انهن کي ٻي رشوت دنيا جي ته وٺن ٿا ڇا نه ورتو ويو

عَلَيْهِمْ مِّيْثَاقُ الْكِتٰبِ اَنْ لَّا يَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوْا

مٿن وعدو توريت ۾ ته نه چوندا خدا تي مگر سچ ۽ پڙهيائون سو

مَا فِيْهِ ؕ وَالدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ○

جيڪي هو ان ۾ ۽ جو گهر آخرت جي ڀلو آهي متقين لاءِ ڇو نٿا سمجهو

وَالَّذِيْنَ يُمَسِّكُوْنَ بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّا لَا نُضِيْعُ

۽ جيڪي پڪڙين ٿا حڪمن قرآن جي ۽ قائم ڪن ٿا نماز ته اسين نه ضايع ڪريون ٿا

اَجْرَ الْمُصْلِحِيْنَ ○ وَاِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّ

ثواب انهن نيڪن جو ۽ جڏهن کنيوسون جبل طور مٿن ڄڻ ته ڇت هئي

ظَنُّوْٓا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ

ٿيا گمان ڪندا ته ڪرندو مٿن چيوسون ته وٺو جيڪي ڏنوسون اوهان کي سگهه سان ۽ ياد ڪريو جيڪي ان ۾ آهي

لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ○ وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ

ته متان اوهين بچو ۽ جڏهن ورتو رب تنهنجي اولاد آدم جي پٺين انهن جي

ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰى ۚ

اولاد انهن جو ۽ شاهد ڪيائين انهن کي مٿن جانين انهن جي ڇا نه آهيان رب اوهان جو چيائون ها

شَهِدْنَا ۚ اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ○

شاهد آهيون متان چئو ڏينهن قيامت جي ته اسين هواسون هن اقرار کان غافل

اَوْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ

يا چئو ته شرڪ ڪيو هو پيئن اسان جن اڳ ۾ ۽ هواسون اسين اولاد انهن جو پوءِ



أَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُونَ ۝ وَكَذَٰلِكَ نُفَصِّلُ الْآيَاتِ

ڪيو هلاڪ ڪرين ٿو اسان کي ساڻ ڪمن ڪوڙن جي ۽ اهڙي طرح ظاهر ڪريون ٿا مفصل آيتون

وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ۝ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ الَّذِي آتَيْنَاهُ آيَاتِنَا

مان اُن ۽ موٽن ۽ پڙهه مٿن اُن خبر ته بلعم باعور جي ٤ ڏنيون اسان انکي اسم اعظم

فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَأَتْبَعَهُ الشَّيْطَانُ فَكَانَ مِنَ الْغَاوِينَ ۝ وَلَوْ شِئْنَا

٥ پوءِ نڪتو ڪنان نور اسم اعظم جي پوءِ پٺيان لڳس شيطان پوءِ ٿيو گمراهن مان ۽ جي گهرون ها

لَرَفَعْنَاهُ بِهَا وَلَٰكِنَّهُ أَخْلَدَ إِلَى الْأَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوَاهُ ۚ فَمَثَلُهُ

ته مٿاهون ڪريون ها انکي ساڻ اسم اعظم پر اُن ميل ڪيو دنيا ڏي ۽ تابع ٿيو خواهش نفس پنهنجي جو پوءِ صورت انجي

كَمَثَلِ الْكَلْبِ إِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ أَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ ۚ ذَٰلِكَ

مثل ڪتي جي جي حملو ڪري اُن تي ته جيب وڏي ڪري ۽ جي ڇڏين انکي ته جيب ڪڍي

مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا ۚ فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ

هي مثال آهي ڪافرن جو جي حب رکن دنيا کي ۽ ٻڌاءِ قصا اسان جا پوءِ بيان ڪرن اُهي

يَتَفَكَّرُونَ ۝ سَاءَ مَثَلًا الْقَوْمُ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَأَنْفُسَهُمْ

ساڻ مان فڪر ڪرن مٺي آهي صفت قوم جي جي ته ڪوڙ سمجهن آيتون اسان جيون ۽ جانين

كَانُوا يَظْلِمُونَ ۝ مَنْ يَهْدِ اللَّهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِي ۖ وَمَنْ يُضْلِلْ

پنهنجي ٿا ظلم ڪرن جهڪي هدايت ڪري خدا اُهو هدايت وارو ۽ جهڪي گمراه ڪندو

فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ ۝ وَلَقَدْ ذَرَأْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيرًا مِنَ الْجِنِّ

ته اُهي ئي ڇيني وارا آهن ۽ تحقيق خلقيا سون دوزخ لاءِ گهڻا جن

وَالْإِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوبٌ لَا يَفْقَهُونَ بِهَا وَلَهُمْ أَعْيُنٌ لَا يُبْصِرُونَ

۽ ماڻهو انجا قلب آهن نه ٿا سمجهن جنس ۽ اکيون آهن نه ٿا ڏسن

بِهَا وَلَهُمْ آذَانٌ لَا يَسْمَعُونَ بِهَا ۚ أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ

جنس انجا ڪن آهن نه ٿا ٻڌن جنس اُهي آهن مثل ڍورن جي بلڪ اُهي

اَضَلُّ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ۝ وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ

جانورن کان وڌيڪ گمراه آهين اُو ئي غافل آهين ۝ ۽ خدا جا چڱا نالا آهن تنهن ڪري

بِهَا ۪ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ۭ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا

انهن سان دعا گهرو ۽ ڇڏيو اُنهن کي جيڪي ڪفر ڪن منجهه اسم خدا جي ۝ سگهوئي جزا لهندا

يَعْمَلُوْنَ ۝ وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ۝

جيڪي ڪندا هئا ۽ اسان جي خلقيل مان هڪ جماعت آهي جيڪا هدايت ڪري ٿي حق سان ۽ انهيءَ سان انصاف ڪن



وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝

۽ جن ڪوڙو ڄاتو اسان جي آيتن کي سگهوئي ورنداسون انهن کي عذاب ڏانهن جتان نه ڄاڻن

وَاُمْلِيْ لَهُمْ ۭ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ۝ اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا ۫ مَا بِصَاحِبِهِمْ

۽ مهلت ڏيان ٿو انهن کي تحقيق مڪر منهنجو ڏاڍو آهي ۝ ڇا نه ويچاريو اٿن ته ناهي حضرت محمد کي ڪو

مِّنْ جِنَّةٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝ اَوَلَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ

ڪا چريائي ناهي اُو مگر ڊيڄاريندڙ پڌرو ۝ ڇا نه ڏٺو اٿن منجهه معجزن ۽ ملڪ

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۙ وَّاَنْ عَسٰٓى اَنْ

آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي خلقيا خدا منجهان ڪنهن شيء ۽ تحقيق اُميد آهي ته

يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ۝

اُوڏو ٿيو وقت مرڻ انهن جو پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي سواءِ قرآن جي مڃيندا اُو

مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ۭ وَيَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ

جنهن کي گمراه ڪندو خدا پوءِ ناهي ڪو هدايت ڪندڙ انهيءَ کي ۽ ڇڏيندو انهن کي منجهه سرڪشي سندن

يَعْمَهُوْنَ ۝ يَسْــَٔـلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ۭ قُلْ

حيران ٿيندي ۝ پڇن ٿا تو کي ڀوڏي ڪنا قيامت جي امتحان ٿا ڪرن ته ڪڏهن آهي ان جو اچڻ چئو

